
# ببلو جي سياڻپ

ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي متعلق سلسليوار ڪهاڻي




روڊ سيفٽي ايجوڪيشن
پروگرام


ٻبلو هڪڙو ننڍڙو ۽ هوشيار ڇيلو هو ۽ ڳوٺ ۾ ٻڪرين جي ڌڻ سان گڏ رهندو هو. سڄو ڏينهن وڏا ٻڪر ڌڻ کي سنڀاليندا هئا ۽ وڏيون ٻڪريون ننڍڙن ڇيلين ۽ ڇيلن جي سار سنڀار لهنديون هيون. ننڍڙا ننڍڙا ڇيلا ۽ ڇيليون سڄو ڏينهن پيا راند روند ڪندا هئا ۽ نيون نيون ڳالهيون پيا سکندا هئا. ٻنپهرن کان پوءِ هو روڊ جي ٻئي پر وچي ڳوٺ جي ٻارڙن سان کيڏندا هئا ۽ رات جو واپس موٽي اچي پنهنجي وڏن ٻڪرن کان ڪهاڻيون ٻڌندا هئا.

ٻبلو کي ڳوٺ جي ٻارن سان کيڏندي ڏاڍو مزو ايندو هو. هُو اُنهن کان اسڪول ۾ سندن سکيل ڳالهين بابت پڇندو هو ۽ اهڙي طرح ٻبلو انگ ڳڻڻ سکي ويو هو ۽ ڪيس پڙهڻ بہ ايندو اچي ويو هو. هڪ ڏينهن ٻار پاڻ ۾ اسڪول ۾ سکيل روڊ جي مختلف نشانين بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ ٻبلو بہ انهن جي ڳالهين کي سمجهي ورتو.






روڊ تي حادثن جي ڪري ڏڻ جون
ڪيتريون ئي ٻڪريون ۽ ٻڪر زخمي ٿيندا
هئا، ٿيا انهيءَ ڪري وڏا ٻڪر ڏک ۾ ورتل
هئا. گذريل ڏينهن ٻ ٻبلو جو دوست روڊ
پار ڪري پاڙي پيئڻ ويو تہ ڪيس ٽرڪ جو
ٽڪر لڳي پيو، سندس جان تہ بچي ويئي پر
هو پنهنجون ٻہ ٽنگون وڃائي ويٺو.





وڏن ٻڪرن کي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿي سجهيو تہ هن مسئلي بابت آخر ڇا ڪجي؟ ڪين وڏي پريشاني اها هئي تہ جيڪڏهن هن مسئلي جو ڪو تڪڙو حل نہ ڪڍيو ويو تہ اجا بہ وڌيڪ ٻڪريون زخمي ٿي پونديون. انهيءَ تي هڪڙو ٻڪر اٿي چوڻ لڳو تہ اسان کي روڊ کان پري ڪنهن ٻي جڳهہ ڏانهن هلي رهڻ گهرجي. پر سندس انهيءَ سوچ سان ڪو بہ متفق نہ ٿيو انهي ڪري جو ايئن ڪرڻ سان هو روڊ جي ٻِر واري ڍنڍ کان پري پئي ٿيا. انهيءَ جو مطلب اهو ئي پئي نڪتو تہ هو سڀ پاڻي پيئڻ کان سِڪي وڃن ها. ننڍڙا ڇيلڙا ۽ ڇيلڙيون بہ انهيءَ ڳالهہ سان متفق نہ هئا. انهي ڪري جو هنن کي انهن جا وڏا ٻڪر روڊ جي ٻئي طرف وڃي، ڳوٺ جي ٻارن سان راند روند ڪيڏڻ جي اجازت نہ ڏين ها.





ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ ھڪڙو ٻيو حادثو پيش آيو. ڪي ڇيلڙا ۽ ڇيلڙيون
ڳوٺ جي ٻارن سان راند ڪرڻ لاءِ پئي ويا تہ روڊ تي تيزي سان ايندڙ
ھڪ ڪار رڪجڻ جي ڪوشش ڪئي پر جيئن تہ ڇيلڙا ڇيلڙيون روڊ
جي وچ تي ھئا تنھنڪري ڪار وچي ٽڪر ھَيُن.


A-4593.



ببلو ڳوٺ جي ٻارن سان راند ڪري رهيو هو پر هن کي پنهنجي ڏڻ جي ٻڪرين جي زخمي ٿي پوڻ جو ڏک پڻ هو. ببلو سان جن ٻارن راند پئي ڪئي تن مان راجو نالي سان هڪڙو ٻار ببلو جو تمام سٺو دوست هو. تنهن ڪانئس پڇي ورتو ته "ڇا ڳالهہ آهي ببلو؟ڪهڙي پريشاني اٿئي؟" ببلو ٻڌايو ته هو روڊ حادثن جي حوالي سان پريشان آهي ۽ سڄي ڏڻ منجهان ڪنهن کي بہ انهيءَ مسئلي جو حل نٿو سُجهي.


راجو کي روڊ حادثن بابت ٻڌائيندي اوچتو ببلو جي ذهن ۾ هڪڙي سوچ آئي. "مون وٽ انهي مسئلي جي حل بابت هڪڙي ڳالهہ آهي." راجو کي ببلو چيو... "توکي ياد آهي تہ هڪڙي ڏينهن تو مون کي روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي جي نشانين بابت سمجهايو هو. تون پنهنجي والدين ۽ استادن کان اهي ڳالهيون ٻيهر صحيح نموني سان پڇي اچ ۽ اچي اسان کي اهي ڳالهيون ٻڌاءِ تہ جيئن روڊ پار ڪرڻ وقت اسان انهن تي عمل ڪريون. مون کي يقين آهي تہ اهڙي قسم جون ڳالهيون سڪي اسان روڊ تي پيش ايندڙ حادثن کان بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي ويندا سين."

راجو، ببلو سان هائوڪار ڪئي ۽ چيائين تہ "روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي بابت ڳالهيون سڪي ببلو کي انهن بابت ضرور سمجهائيندو."


ٻئي ڏينهن جڏهن ببلو روڊ جي ٻئي طرف ويو تہ اتي راجو سندس انتظار پئي ڪيو. ببلو ڏٺو تہ راجو خوش خوش پئي نظر آيو ۽ وٽس ٻڌائڻ لاءِ ڪجھ ڳالهيون هيون. ”ببلو، منهنجي پيءُ ۽ استاد مون کي روڊ سيفٽي جي ڪجھ اصولن بابت سيکاريو آهي، انهن جي مدد سان اسان موٽمار حادثن کان سولائي سان بچي سگهون ٿا.“

ببلو کي بہ ڏاڍي خوشي هئي. راجو طرفان ٻڌايل سڀئي ڳالهيون پنهنجي ڏٽ وارن کي سيکارڻ لاءِ هن کان انتظار ئي نہ پئي ٿي سگهيو. هاڻي ان کي اهي سڀئي ڳالهيون پنهنجي ڏٽ وارن کي وچي ٻڌائڻيون هيون تہ جيئن سڀ ئي ڏٽ روڊ حادثن کان محفوظ ٿي سگهي. سو باقي سڄو ڏينهن ببلو ۽ راجو روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي بابت اصولن تي ڳالهائيندا رهيا جيڪي راجو سکي آيو هو.





ٻي ڏينهن صبح جو ببلو ڌڻ جي ٻين سڀني ٻڪرين کان اڳ ۾ اٿيو ۽ راجو ڍرفان سيڪاريل سڀئي ڳالهيون ڌڻ جي ٻين سڀني ٻڪرين کي سيکارڻ لاءِ آتو هو. هو وڏين ٻڪرين ڏانهن ويو جيڪي ويجهو ئي ميدان ۾ چري رهيون هيون. ببلو کين ٻڌايو تہ وٽس روڊ تي حادثن واري مسئلي جو حل موجود آهي. ٿورڙي دير لاءِ تہ وڏيون ٻڪريون اهو ٻڌي خاموش ٿي ويون، پوءِ هڪڙي وڏي ٻڪري کانئس پڇڻ لڳي تہ ”ببلو آخر تو وٽ اسان جي پريشاني جو ڪهڙو حل آهي؟“




ٻبلو چيو تہ ”آئون بلڪل اوهان کي اهي سڀئي ڳالهيون ٻڌائيندس پر پهريان اوهان سڀني ٻڪرين کي هڪ ميدان تي گڏ ٿيڻو پوندو تہ جيئن هر ڪوئي ٻڌي ۽ سکي سگهي.“

وڏين ٻڪرين اها ڳالهہ وجي سڀني ٻڪرين کي ٻڌائي ۽ ٿورڙي ئي دير ۾ سڀئي ٻڪريون هڪڙي ميدان تي اچي گڏ ٿيون تہ جيئن ٻبلو جي ڳالهہ ٻڌي سگهن. سڀئي ننڍيون وڏيون ٻڪريون ۽ ٻڪر اچي ميدان ۾ حاضر ٿيا.



ببلو هڪڙي پٿر تي چڙهي ويٺو ۽ سيني کي خطاب ڪندي چيائين "منهنجا ساٿيو! مون کي ان ڳالهه تي تمام گهڻو ڏک پهتو آهي تہ اسان جي ڏڌ جون ڪيتريون ئي ٻڪريون ۽ ٻڪر روز روز جي روڊ حادثن جي ڪري مري ۽ زخمي ٿي رهيا آهن." ببلو پنهنجو خطاب جاري رکيو پئي آيو ۽ سيئي ٻڪريون ۽ ٻڪر سندس خطاب کي ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا. "ڇا اوهان کي اها خبر آهي تہ انهن حادثن جو واحد سبب اهو آهي تہ اسان کي صحيح نموني سان روڊ پار ڪرڻ اچي ئي ڪو نہ ٿو؟ اها هڪ تمام سادي ڳالهہ آهي پر انهيءَ کي سمجهڻ لاءِ ڌيان گهرجي ۽ جيڪڏهن اسان انهيءَ تي ڌيان ڏينداسين تہ اسان کي آساني سان خبر پئجي ويندي تہ ڪنهن مصروف ترين روڊ کي بہ ڪيئن پار ڪجي."

"روڊ پار ڪندي اسان جيڪا پهرين غلطي ڪندا آهيون، سان اها تہ روڊ پار ڪرڻ وقت اسان روڊ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي ڏانهن نهاري ڏسندائي ڪونہ آهيون. ساڄي ۽ کاٻي پاسي ڏانهن نهارڻ کان سواءِ روڊ پار ڪرڻ بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن وڏي حادثي کي دعوت ڏيڻ. اسان کي اهڙي قسم جي حادثي کان بچڻ لاءِ روڊ تي پهچي ٿورڙي دير لاءِ بيهي ڌيان سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي تہ ڪٿان ڪنهن سواري وغيره جو آواز تہ ڪونہ پيو اچي. ان بعد ساڄي ۽ کاٻي پاسي ڏانهن چڱي طرح نهاري پوءِ روڊ پار ڪرڻ گهرجي. ٻي ڳالهہ اها تہ اسان کي روڊ انهيءَ جڳهہ تان پار ڪرڻ گهرجي جتان سولو لڳي. روڊ پار ڪرڻ جي سولي جڳهہ اها آهي جتي روشني جو صحيح نموني سان انتظام ٿيل هجي، جتان روڊ بنهہ ويڪرو نہ هجي. جتان گاڏيون آهستي آهستي ٿي لنگهنديون هجن جيئن: ڪو ٽريفڪ سگنل، اسپيڊ بريڪر يا زيبرا ڪراسنگ وغيره، جن کي زيبرا ڪراسنگ بابت خبر نہ آهي، انهن جي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ روڊ تي توهان کي جتي ڪاري ۽ اڇي رنگ جون پٽيون نهيل ملن تہ سمجهو تہ اهو ئي آهي زيبرا ڪراسنگ. اها ڪراسنگ انهيءَ لاءِ هونديون آهن تہ گاڏيون پنهنجي پنهنجي رفتار کي گهٽ ڪن تہ جيئن جانور ۽ انسان سلامتيءَ سان روڊ پار ڪري وڃن."



اوهان جي اهو منظر پنهنجي اکين سان ڏسو ها تہ اوهان کي ٻڪريون باقاعدي هر ڳالهہ کي ذهن نشين ڪندي نظر اچن ها. ببلو جيڪي ڳالهيون پئي ڪيون تن کي ٻڌي ننڍڙن ڇيلن ۽ ڇيلين بہ ساٿس هائوڪار ۾ ڪنڌ پئي لوڏيا. ڳالهيون ڪندي ببلو چيو تہ ”روڊ تي هلندي جيڪا وڏي غلطي ٿيندي آهي، اُها آهي روڊ جي وچ تي هلڻ. روڊ انهيءَ لاءِ ٺهيل هوندا آهن تہ ان تي ڪارون، بسون ۽ ٽرڪون وغيره هلن نہ ڪي جانور ۽ ماڻهو. انهيءَ ڪري اسان کي روڊ جي بلڪل ڪاٻي پاسي کان هلڻ گهرجي تہ جيئن پٺيان کان ايندڙ ڪنهن گاڏي جي ٽڪر کان بچي سگهون. روڊ جي پاسي ۾ جيڪڏهن فٽ پاٿ (پيادلن لاءِ رستو) ٺهيل هجي تہ اسان کي ان تي هلڻ گهرجي. ٻي ڳالهہ اها تہ جڏهن رات جي وقت سفر ڪرڻو هجي تہ بهتر اهو ئي آهي تہ اڇا ڪپڙا پائي ٻاهر نڪرجي تہ جيئن اونده ۾ بہ گاڏين جا ڊرائيور اسان کي ڏسي سگهن. وڏين ٻڪرين ۽ ٻڪرن لاءِ منهنجو پيغام اهو ئي آهي تہ روڊ پار ڪرڻ وقت پنهنجي ننڍڙن ٻچڙن کي پاڻ سان گڏ ئي وٺي هلندا ڪريو ۽ ڪين وڏين گاڏين جي آمدرفت جي باري ۾ پنهنجي حفاظت بابت تربيت بہ ڏيو.“ ببلو واقعي پنهنجي ڌڻ وارن کي ڪافي ساريون ڳالهيون ٻڌايون هيون ۽ هاڻي جيڪڏهن اهي روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي وارن اصولن تي عمل ڪندا تہ پنهنجون زندگي بچائي سگهندا.



”منهنجي دوست راجو اهي سيئي ڳالهيون مون کي سيکاريون آهن. جيڪو اسين هيئنر سکيا آهيون. اسان کي کپي تہ اهي سکيل ڳالهيون پنهنجي ٻين دوستن کي سيکاريون.“ ببلو چيو. سيني ٻڪرين پير زمين تي هٽي چڙ تہ ببلو لاءِ تاڙيون وڄايون. سندس انهيءَ تجويز تي تہ پهريائين راجو کان سيئي ڳالهيون سکجن ۽ پوءِ اهي سکيل ڳالهيون وري سڄي ڏڻ کي سيکارجن، ببلو جي سيکاريل ڳالهين جي ڪري هاڻي سڄو ئي ڏڻ حادثن کان محفوظ آهي. اڄ جيڪڏهن توهان ببلو جي ڳوٺ ڏي ويندا تہ رات جو هر ٻڪري کي اڇي رنگ جي هڪ پٽي ٻڌل ڏسندا ۽ واقعي توهان کي محسوس ٿيندو تہ ڪيئن نہ انهن پنهنجو پاڻ کي روڊ حادثن کان بچائي رکيو آهي. انهي ڪري روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي بابت وڌ ۾ وڌ سکڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ سکيل ڳالهيون پنهنجي گهر وارن ۽ دوستن کي سيکاريو.


پورو ٿيو



# ٻارن لاءِ مفيد معلومات





- جيڪڏهن ڪا پڌري ٿهيل نہ هجي تہ پوءِ روڊ جي ساڄي پاسي کان هلو تہ جيئن سامهون ايندڙ ٽرئفڪ تي اوهان جي نظر سولائيءَ سان پئجي رهي هجي. جيڪڏهن ڪا پڌري وغيره نہ ٿهيل هجي تہ روڊ جي ڪناري کان ٿورو پريرا (جتان اوهان جي نظر ايندڙ ويندڙ گاڏين تي سولائيءَ سان پئجي رهي هجي) ٿي هلو. جيڪڏهن ٽرئفڪ بنهہ گهٽي هجي يا روڊ تي موڙ هجن تہ اهڙي صورت ۾ رات جو توڙي ڏينهن جو هڪ ٻئي جي پٺيان ٿي هلو. جيڪڏهن موڙن وغيره جي ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري روڊ تي گهٽو پري تائين اوهان جي نظر نہ پئجي رهي آهي تہ ان صورت ۾ پنهنجي سلامتي ۽ تحفظ جو خصوصي خيال رکو.



- رات جي وقت يا خراب موسم جي وقت هميشہ چمڪدار ڪپڙا پائيندا ڪريو. ريشمي ڌاڳي وارا چمڪيلا ڪپڙا وڌيڪ بهتر رهندا. اهي ڏينهن توڙي رات جي اونداهي ۾ نظر ايندا آهن. رات جي وقت عڪسي (روشني موٽائيندڙ) قسم جي ڌاڳن مان ٺهيل ڪپڙا بهتر رهن ٿا. جيڪڏهن ممڪن هجي تہ روڊ کي زيبرا ڪراسنگ يا ٽرئفڪ جي سگنل وٽان ئي پار ڪريو جتي ڪو نہ ڪو ٽرئفڪ پوليس وارو يا روڊ سيفٽي آفيسر موجود هوندو آهي.

- بيهہ رهو، ڏسو، ٻڌو، سوچيو ۽ ان کان پوءِ روڊ پار ڪريو. روڊ پار ڪرڻ کان اڳ ڪافي دير تائين آسپاس کان ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ کي نظر ۾ رکي پوءِ روڊ پار ڪريو. جيڪڏهن پيادل هلڻ لاءِ ڪو فٽ پاٿ (Footpath) ٺهيل هجي تہ ان کي استعمال ڪريو.






- ڊوڙي روڊ پار ڪرڻ جي بجاءِ هميشہ آرام سان روڊ پار ڪريو. بيٺل گاڏين جي وچ مان لنگهي روڊ پا رڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.


جيڪڏهن روڊ پار ڪرڻ جي لاءِ ٻي ڪا جڳهہ ئي نہ هجي تہ ان ڳالهہ جو يقين ڪري پوءِ ئي روڊ پار ڪريو تہ جنهن گاڏي جي اڳيان توهان لنگهي رهيا آهيو، سا ڪٿي هلڻ واري تہ ڪانهي.



- جنهن جاءِ تي ڪو پوليس آفيسر يا روڊ سيفٽي آفيسر ٽرئفڪ ڪنٽرول ڪري رهيو هجي تہ اتان روڊ پار ڪرڻ کان اڳ سندس سگنل جو انتظار ڪريو. روڊ کي ان جي سامهون ئي پار ڪريو.




- جيڪڏهن توهان سان گڏ ڪو ننڍڙو ٻار بہ آهي تہ روڊ تي هلڻ وقت سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي رکو. روڊ پار ڪرڻ کان اڳ ڌيان سان ڪن ڏيو تہ جيئن ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ ڏانهن توهان جو ڌيان وڃي. تيستائين روڊ پار نہ ڪريو، جيستائين گاڏين وچ ۾ چڱي خاصي وٿي نہ هجي ۽ روڊ پار ڪرڻ لاءِ توهان کي ڪافي وقت مليل هجي. جيڪڏهن توهان پنهنجي اندر روڊ پار ڪري سگهڻ جو اعتماد نٿا سمجهو تہ روڊ پار نہ ڪريو.



# ببلو جي سياڻپ

روڊن تي حادثن جو وڏ ۾ وڏ شڪار جانور ۽ ٻار ٿين ٿا. اهو انهيءَ ڪري ٿيندو آهي جو هو ٽريفڪ اصولن جي باري ۾ صحيح نموني اندازو نہ ڪري سگهندا آهن ۽ ٻيو انهيءَ ڪري جو ڪين روڊ تي پيادلن جي هلڻ وارن اصولن ۽ قاعدن جي خبر نہ هوندي آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال اهو ئي آهي تہ ٻارن کي پيادل هلڻ وقت ذميواري ۽ سوچ-سمجهہ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي، جيئن ببلو(ڇيلڙو) روڊ سيفٽي جي اصولن کي سمجهندي پنهنجي ڌڻ کي وڏيڪ حادثن ۽ زخمي ٿيڻ کان بچائي ٿو.


روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪهاڻين جو سلسلو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ڏنو ويو آهي، جيڪو روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان نافذ ڪيو پيو وڃي. هن سلسليوار ڪتاب ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڪهاڻيون هي آهن:



راجو جو خواب



راجو جي نئين سائيڪل



راجو جا زخم



ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو....!



راجو جي ملاقات



روڊ تي کيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن


مصنف: يوشع ذَڪيُ الدين | تصويرون ۽ تشريح: عديل الظفر | ترجمو: گل بيگ گرگيج | ڪمپوزنگ: خادم حسين

شايع ڪرائيندڙ: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن



پلاٽ- 9، بلاڪ-7، ڪهڪشان، ڪلفٽن-5، ڪراچي 75600- پاڪستان.
فون نمبر 111-424-111 (21-92) فيڪس :9251652 (21-92)
اي ميل : info@sef.org.pk ويب سائيٽ: www.sef.org.pk


روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ